# ڏاهاپائر

## ڪهاڻيون



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد - سنڌ

2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاها پائر

(ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)

مترجم:

عطامحمد ڀنڀرو

ترتيب:

خالد آزاد وگهيو

نظرثاني:

تاج جويو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

2001ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر 70

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب: ڏاها ڀائر (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون)
مترجم: عطامحمد ڀنڀرو
ترتيب: خالد آزاد وگهيو
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2001ع
تعداد: هڪ هزار
ملهه : 12 روپيا

**ملڻ جا هنڌ:**

- ڪلئرنگ هائوس سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نئشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ
- ڪاٺياواڙ بڪ اسٽور، اردو بازار، ڪراچي، سنڌ
- عزيز ڪتاب گهر، سکر، سنڌ
- سنڌ بڪ ڪلب، رابعه اسڪوائر، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ

ISBN 969-8194-27-4

**Daha Bhair**

TRANSLATED BY: Atta Muhammad Bhanbhro
Complied by: Khalid Azad Vighio
Printed by: Azad Communication, Karachi.
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh

First Edition: Oct: 2001
Price: Rs: 12/=

هيءُ ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي ڪمپيوٽر سيڪشن ۾ ڪمپوز ٿيو ۽ اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري، تاج جويو، ميسرس آزاد ڪميونيڪيشن، ڪراچيءَ وٽان ڇپرائي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي آفيس مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | |
|---|---|
| ناشر طرفان | 4 |
| ڏاها ڀائر | 5 |
| موالي رڇ | 15 |
| نافرمان چوزو | 25 |
| راڻي، لومڙي ۽ لالو ٻلو | 29 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي پنهنجي قيام واري ڏينهن کان وٺي. ٻارن جي ادب ڇپائڻ لاءِ ڪوشش ڪندي رهي آهي. ان ڏس ۾ هن کان اڳ ٻارن لاءِ سائنسي. تفريحي ۽ معلوماتي ادب سان گڏ لوڪ آکاڻيون ۽ ٻيو مواد شايع ڪيو ويو آهي. آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس. ڪراچي (O.U.P) جهڙي جڳ مشهور اداري. انهن ڪتابن مان ٻه ڪتاب ’ناني سفوران‘ ۽ ’ٻوليون لوليون ٻارن جون‘. اٿارٽيءَ جي تعاون سان ٻيهر باتصوير ڇپرائي. مددي تدريسي مواد(Supplementary Reading Material) طور. سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي کان منظور ڪرايا آهن.

اٿارٽيءَ ٻاراڻي ادب جي واڌاري. سڌاري ۽ ٻارن جي گهرج واري مواد جي تياريءَ بابت هڪ ڪاميٽي ٺاهي آهي. هن ڪاميٽيءَ ڪيترين گڏجاڻيون ڪري. ٻارن جي ادب جي واڌاري ۽ ٻارن جي گهرج کي سامهون رکي. ڪي ڪتاب تيار ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن موجب ٻارن لاءِ تفريحي ادب سان گڏ سائنس فڪشن. معلوماتي ڪتابڙا. ٻاراڻيون لغتون. اينسائيڪلوپيڊيا ۽ ٻيو مواد تيار ڪرايو ويندو.

هيءَ ڪتاب ’ڏاها ڀائر‘ دنيا جي مختلف ٻولين جي ٻاراڻين آکاڻين جو مجموعو آهي. جنهن کي محترم عطا محمد ڀنڀري. انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب "Ferry Tells of the World" مان ترجمو ڪيو آهي. جيڪو آربس پبليڪيشن. لنڊن (Arbis Publication, London) وارن ڇپائي پڌرو ڪيو هو. آکاڻين کي ٻارن لاءِ دلچسپ بنائڻ لاءِ. هر آکاڻيءَ سان گڏ تصويرون پڻ ڏنيون ويون آهن ۽ آکاڻين جي ٻولي تمام سادي. سولي ۽ ٻارن جي ذهني سطح مطابق ڪم آندي وئي آهي ته جيئن ٻار انهن مان مزو وٺي سگهن.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي. سنڌ جي هر ٻار کي پنهنجو سرمايو ۽ سنڌ جي مستقبل جو معمار سمجهي ٿي. هن ڪتاب جي پڙهندڙن کي اٿارٽيءَ جي ٻارن واري شعبي جي انچارج خالد آزاد وگهئي. اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري تاج جويي ۽ پبليڪيشن بيورو جي ڊائريڪٽر امين محمد لغاريءَ جو شڪر گذار ٿيڻ گهرجي. جن ٻاراڻي ادب جي هن رٿا تي باقاعدگيءَ سان ڪم شروع ڪيو آهي.

مون کي اميد آهي ته هي ڪتاب سنڌي ٻاراڻي ادب جي رفتار ۾ هڪ اهم پيش خيمو ثابت ٿيندو.

**پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو**
چيئرمئن
سنڌي ٻولي اٿارٽي

حيدرآباد. سنڌ.
1- آڪٽوبر. 2001ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏاها پٽ

هڪڙي غريب ۽ ٻُڍڙي شخص کي ٽي پٽ هئا. هو سدائين کين سمجهائيندو هو ته اسان وٽ نه ڪو چوپايو مال آهي، نه سون ۽ چاندي، نه وري پيو ڪو زر زيور، اُن ڪري اوهان هڪُ ٻئي قسم جو خزانو گڏ ڪريو، جيڪو آهي سوچ ۽ ويچار جو خزانو. اوهان گهٽو سوچيو ۽ غور ڪريو ته گهٽو ڪجهه پرائيندؤ. اوهان وڏو دماغ ڏاريو. سون چاندي هٿ ڪرڻ بدران سوچ سمجهه جي دولت حاصل ڪريو. عقل جي دولت هٿ ڪرڻ سان نقصان ۾ نه ويندؤ، ۽ ڪڏهن به ٻين جا محتاج نه ٿيندؤ.



اولاد کي اهڙيون نصيحتون ڪندڙ، ويچارو پيڙهو نيٺ هڪ ڏينهن مري ويو. روئڻ، پٽڻ ۽ پيءُ کي دفن ڪرڻ کان پوءِ ٽيئي ڀائر صلاح مشوري لاءِ گڏجي ويٺا. ڪيترن ئي معاملن تي ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ کان پوءِ فيصلو ڪيائون ته 'هتي ڪم ڪرڻ ۽ ترقي ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪونهي، ان ڪري دنيا گهمي ڏسجي. جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿئي ته پگهار تي نوڪري ڪجي، ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ڪا مزوري ملي تہ اها بہ ڪجي، ۽ ايئن ڪرڻ سان پڪ ٿي پڪ بک نہ مربو.'

اها صلاح ڪري، ٽيئي ڀائر تيار ٿي گهران روانا ٿيا. هلندا ويا، هلندا ويا، ڪيئي بيابان لتاڙيندا، اُوچن جبلن جا لَڪَ لنگهندا. سفر ڪندا رهيا ۽ ائين ڪين چاليهہ ڏينهن گذري ويا. جيڪو سمر ساڻ ڪنيو هئائون، سو کُٽي ويو. پنڌ ڪري ڪري، سندن پيرن ۾ لڦون پئجي ويون، پر رستو هو، جو ڪٽڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺي. ڪنهن هنڌ ٿورو وقت ڍاپي لاءِ ترسيا، تہ وري رڪيائون ٿي پيرن تي زور. هلندي هلندي نيٺ ڪين وڙاهہ نظر آئي. ان ڪان پوءِ ڪين مُنارا ۽ وڏيون جڳهيون ڏسڻ ۾ آيون. ويجهو وڃي ڏٺائون تہ اهو ڪو وڏو شهر هو. ٽيئي ڀائر ڏاڍا خوش ٿيا ۽ تِکو تکو شهر ڏانهن هلڻ لڳا.

"اسين بُرائي پوئتي ڇڏي آيا آهيون، ۽ نيڪي اسان جي اڳيان آهي." هٿن هڪٻئي کي چيو.

جڏهن شهر جي ويجهو پهتا تہ سندن وڏو ڀاءُ بيهي رهيو ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي نهاري چوڻ لڳو: "هتان ڪو پوڙهو اُٺ گذريو آهي".

ٿورو اڳتي هليا تہ وچئين ڀاءُ هيٺ نهاري چيو: "اُٺ هڪ اَکِ ڪان ڪاڻو آهي".

"برابر تون نيڪ ٿو چوين" ٻنهي (وڏي ۽ ننڍي) ڀائرن چيو.

ٿوري وقت ڪان پوءِ ڪين هڪ گهوڙيسوار اچي مليو، جو سندن پٺيان پئي آيو.

وڏي ڀاءُ اُن گهوڙي سوار ڏانهن تکي چيو: "گهوڙي سوار! تو ڪا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيءِ وڃائي آهي ڇا ؟“

گهوڙيسوار گهوڙي جون واڳون ڇڪي ڪٽي گهوڙي کي بيهاريو: ”هائو! آءُ وڃايل شيءِ ئي ڳولي رهيو آهيان.“

”ڇا اهو پوڙهو اُٺُ ته ناهي، جيڪو تو وڃايو آهي؟“ وڏي ڀاءُ ڪانئس پڇيو.

”ها ، ها ، پوڙهو اُٺ ئي ته وڃايو اٿم“ .

”ءِ اُهو ڪاڻيءَ اک ڪان ڪاٽو آهي؟“ وچئين ڀاءُ ڇيو.

”هائو، هائو، اُهي ئي سندس پارَ آهن.“



”اُن اُٺَ تي هڪ عورت ءِ ساڻس ننڍڙو ٻار ٻه آهي، ءِ عورت پيٽَ سان آهي؟“

گهوڙيسوار ٽنهي ڀائرن ڏانهن شڪَ جي نگاهه سان ڏٺو ءِ چيائين:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوهين چورَ آهيو، منهنجو اُٺُ پڪ اوهان وٽ آهي. ٻڌايو تہ منهنجو اُٺ ڪٿي آهي؟“

”ڀائو اسان تہ تُنهنجو اُٺُ ڏٺو ئي ڪونهي.“ هنن وراڻيو.

”پوءِ اوهين اُن بابت سيڪجهہ ڪيئن ٿا ڄاڻو؟“ گهوڙيسوار ڪائن پڇيو.

”اسين پنهنجي اکين ۽ عقل کي صحيح نموني استعمال ڪريون ٿا، ڏسون ٿا ۽ سوچيون ٿا. جلدي ڪر، سامهون وڃ، توکي پنهنجو اُٺ ملي ويندو.“ ڀائرن ڪيس چيو.

”مان اُن طرف ڪونہ ويندس. منهنجو اُٺُ اوهان وٽ آهي. جلدي ڪريو، مون کي اُٺُ موٽائي ڏيو.“

”ڀائو! يقين ڪر، اسان تنهنجو اُٺُ ڏٺو ئي ڪونهي.“ هنن ڪيس پڪ ڏياريندي چيو.

گهوڙيسوارَ سندن هڪ بہ نہ مڃي. هن پنهنجي تلوار ڪڍي مٿن اُلاري چيو، ”هلو! ٿيو منهنجي اڳ ۾!“ اهڙيءَ ريت، کين ملڪ جي بادشاهہ وٽ وٺي آيو.

ٽنهي ڀائرن کي پهريدارن جي حوالي ڪري، پاڻ سڌو بادشاهہ ڏانهن هليو ويو، ۽ کيس عرض ڪندي چيائين تہ: ”جيئندا قبلا، آءُ پنهنجي اُٺن جو وڳُ جبل ڏانهن ڪاهيو پئي ويس، منهنجي زال ۽ ننڍڙو پٽُ اٺ تي منهنجي پويان پئي آيا. منهنجو اُٺ هڪ اکِ ڪان ڪاڻو هو ۽ اُهي سڀ مون کان پٺتي رهجي ويا. سمجهان ٿو رستو ڀلجي ڪيڏانهن وڃائجي ويا. انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دير ڪئي تہ آءُ گهوڙي تي چڙهي سندن ڳولا لاءِ نڪتس. مون کي رستي ۾ تي ماڻهو مليا، جيڪي پيرين پنڌ سفر ڪري رهيا هئا. مون کي شڪ آهي تہ اُنهن مــاڻهن منهنجو اُٺ چورايو آهي ۽ منهنجي زالَ ۽ منهنجي پُٽ کي قتل ڪيو آهي."



"اهو تون ڪيئن ٿو چوين؟"

بادشاهہ ڪانئس سوال ڪيو.

"سائين! هنن ماڻهن مون کي پاڻ ئي ٻُڌايو تہ اُٺ پوڙهو هو، هڪ اکِ کان ڪاڻو هو، ۽ مٿس پار سان گڏ هڪ عورت ويٺل هئي، ۽ اها اُميدَ سان هئي."

اهو ٻڌي، بادشاهہ ڪجهہ وقت سوچ ۾ ٻَڏي ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ چيائين: "جيڪڏهن واقعي اِئين آهي ۽ هنن تنهنجي ٻُڌائڻ کان سواءِ اُٺ جا سڀ پار پتا پورا ٻڌايا آهن تہ پوءِ تہ چورَ اِهي ئي آهن. کين وٺي اچو!"

اُٺَ جو مالڪ ٻاهر ويو ۽ ٽنهي ڀائرن کي اندر وٺي آيو.

"جلدي جواب ڏيو، هن غريب جو اُٺُ ڪيڏانهن ڪيو اٿوَ؟" بادشاهہ کين دڙڪو ڏيندي چيو:

"سائين! اسان چورَ ڪونہ آهيون، نہ ئي اسان سندس اُٺ ڏٺو آهي."

ڀائرن چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اوهان اُنَ جي مالڪ کي سنوان سڌا پار ٻڌايا آهن. جڏهن تہ مالڪ اُن متعلق اوهان کي ڪجهہ بہ ڪونہ ٻڌايو هو. اوهين ڪيئن ٿا چئو تہ اوهان اُن ڏِنــوئي ڪونهي. ايڏو ڪوڙ، ايڏي نڱي! جلدي اُٺُ پيـــدا ڪري ڏيو. جيڪڏهن اوهان اُٺ ڏٺوئي ڪونهي، تہ پوءِ اُنَ جا پار پنا ڪيئن ٿا ٻڌايو؟“ بادشاهہ ڪِين چيو.

”سـائين اها عجب جي ڳالهہ ڪانهي، اسان جي ننڍپڻ کان وٺي اها عـادت رهي آهي تہ اسين هر شيءِ چڱيءَ طرح جاچي ڏسندا آهيـون. اسانِ پنهنجي حيـاتي سـوچ ۽ ويچارَ ۾ گذاري آهي. اهوئي سـبب آهي جو اسين ڏسڻ کان سواءِ سچي ڳالِهہ سمجهي وياسون،“ ٽنهي ڀائرن عرض ڪيو.

اهو ٻڌي بادشاهہ کليو ۽ چيائين: ”ڇا اهو ممڪن آهي، تہ ڏسڻ کان سواءِ ڪنهن ڳالهہ بابت ٻُڌائي سگهجي! اهو ناممڪن آهي؟“

”اســان اوهان جي پرکَ وٺي ڏسنداســون تہ واقــعي اوهين سچ چئــو ٿـا!“ائين چئي بادشـاهہ، پنهنجي وزير کي پـرسـان سـڏائي، ڪـيس ڪَنَ ۾ ڪجهہ چيو. وزير هڪدم دربارِ ڇڏي ٻاهر هليو ويو، ۽ گهڙيءَ کان پوءِ هڪ وڏي صندوقَ نوڪرن هٿان گاڏيءَ تي ڪٽائي اچي دربار ۾ پهتو. هن صندوق دروازي وٽ رکـرائي، تہ جيـئن بادشـاهہ جي اُن تي چڱيءَ طرح نظر پئـجي سگهي. پوءِ پاڻ هڪ پاسي تي ويـٺـو. ٽيـئي ڀـائر پري کـان صندوق کي غورَ سـان ڏسي رهيـا هئـا. هنن اهوبہ ڏنـو پئي تہ صندوق کهـڙي طرف کـان ۽ ڪهڙي طريقي سان آندي وئي هئي ۽ ڪهڙي نـموني سان هيٺ رکي وئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چورَ جا ٻچا! اچو، اچي مون کي ٻڌايو تہ هن صندوق ۾ ڇا هي؟“



بادشاهہ ڪڙڪيدار آواز سان ٽنهي ڀائرن کي مخاطب ٿي چيو:

”سائين! اسان اڳ ۾ ئي عرض ڪري چڪا آهيون تہ اسان چورَ نہ آهيون.“ وڏي ڀاءُ چيو، ”پر اسين ٻڌائي سگهنداسون تہ هن صندوق ۾ ڇا آهي. جيڪڏهن اوهان جو حُڪم آهي تہ ٻڌو. هن صندوق ۾ هڪڙي گول شيءِ آهي.“ وڏي ڀاءُ چيو.

”اها گول شيءِ هڪ ڏاڙهون آهي.“ وچئين ڀاءُ چيو.

”ها، پر آهي ڪَچو.“ ننڍي ڀاءُ سڀ کان آخر ۾ چيو.

بادشاهہ ٽنهي ڀائرن جي ڳالهہ ٻڌي، صندوق ويجهي آڻڻ جو حڪم ڪيو. نوڪرن دير ڪانہ ڪئي. حڪم ٿيو تہ ”صندوق کولي وڃي!“ صندوق کولي ويئي. بادشاهہ صندوق اندر جهاتي پائي ڏٺو تہ سندس حيرت جي حد نہ رهي. ڇا ڏسي تہ واقعي ڪَچو ڏاڙهون منجهس پيو هو! بادشاهہ پنهنجن هٿن سان ڪَچو ڏاڙهون ڪڍي سڄيءَ دربار کي ڏيکاريو. پوءِ اُن جي مالڪ ڏانهن منهن ڪري چيائين: ”هنن ماڻهن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ھي چور نہ آھن، تون پنھنجو اُٺ وڃي ڪنھن ٻئي پاسي ڳول. ھي واقعي ڏاھا ۽ ھوشيار آھن."

جيڪي ماڻھو دربار ۾ حاضر ھئا، سي ٽنھي ڀائرن جي ڏاھپ ۽ ھوشياري ڏسي دنگ رھجي ويا، پر بادشاھ کي سمورن ماڻھن کان وڌيڪ اچرج ھئي. ٽنھي ڀائرن جي کاڌي لاءِ ھر طرح جا طعام آندا ويا، ۽ کين ھر طرح سان خوش ڪيو ويو.

"اوھين بيڏوھي آھيو. جيڏانھن چاھيو، وڃي سگھو ٿا، پر ان کان اڳ مون کي اھو ٻڌايو تہ اوھان اِھو ڪيئن معلوم ڪيو تہ ماڻھوءَ اُٺ وڃايو آھي ۽ اوھان کيس اُٺُ جا پورا پار پتا ڪيئن ڏنا؟" بادشاھ کانئن پڇيو.

وڏي ڀاءُ چيو تہ "سائين! رستو داڀ ۽ ڊُسڙِ وارو ھو. اُٺَ جا داڦوڙا وڏا نھيل ھئا، سمجھيم تہ ڪنوات ناھي، پر ڪو وڏو يا پوڙھو اُٺُ آھي. جڏھن مون ھيءُ ماڻھو ڏٺو، جيڪو اسان جي پٺيان گھوڙي تي چڙھيو پئي آيو ۽ ھيڏانھن ھوڏانھن چوطرف ڏسي رھيو ھو، تنھن مان معلوم ڪري ورتم تہ ھن ھمراھ ڪا شيءِ وڃائي آھي."

"واہ واہ!" بادشاھ چيو، "پر اوھان مان ڪيس ڪنھن ٻڌايو ھو تہ اُٺُ ڪاڻو ھو؟"

وچين ڀاءُ اُٿي بيھي ۽ چيائين تہ "سائين! اُھو مون ٻڌايو."

"تو ڪيئن معلوم ڪيو تہ اُٺ ڪاٻيءَ اَکِ کان ڪاڻو آھي؟ انڌائپ رستي تي تہ ڪو نشان ڇڏيندي ناھي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سائين اها ڳالهه هن ريت معلوم ٿي ته جنهن رستي سان اُن لنگهيو هو، ڏٺم ته اُن جي ساڄي طرف وارن وڻن جون لامون پَٽيل ۽ ڪاڏل هيون، ۽ کاٻي پاسي واريون صحيح سلامت هيون.“

”واه، واه!“ بادشاهه چيو، ”پلا اوهان مان ڪنهن چيو ته اُن تي هڪ عورت ۽ هڪ ٻارُ آهي ۽ عورت اُميد سان آهي؟“

”سائين، مون ٻڌايو“ ننڍي ڀاءُ چيو. ”سائين مون اهو هنڌ ڏٺو، جتي اُن ويٺو هو. اُتي مون ڪي عورتاڻي جُتيءَ جا نشان ڏسڻ ۾ آيا. سمجهيم ته عورت آهي، پرسان وري ننڍڙي ٻار جا پيرن جا نشان به هئا، سو سمجهيم ته ٻار به ساڻ اٿس. عورت جڏهن ويهي وري اُٿي هئي ته ٽِريون ڪوڙي اُٿي هئي. زمين تي ٽِرين ڪوڙڻ جا به نشان هئا، اُن مان سمجهي ويس ته عورت سان ٻارُ ته گڏ آهي، پر پيٽَ سان به آهي.“

”اهو سڀ ڪجهه صحيح، پر اوهان کي پلا اِهو ڪيئن معلوم ٿيو ته صندوق ۾ ڏاڙهون آهي، ۽ اهو ڪَچو آهي؟“ بادشاهه ڪانئن پڇيو.

”سائين! نوڪرن جي ڪٽڻ مان ظاهر هو ته صندوق ڳري ڪانه هئي، پر هلڪي هئي. جڏهن انهن صندوق کي فرش تي رکيو ته مون گول شيءِ جي ڦرڻ جو آواز ٻڌو، جيڪو صندوق جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ڦرندي معلوم ٿيو، تنهن مان صحيح اندازو لڳايم ته ڪا گول شيءِ آهي.“ وچئين ڀاءُ چيو.

”جيئن ته صندوق باغ جي طرف کان ڪجي اندر آئي، اُن ڪري مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو ته اها گول شيءِ ڀڪ ڏاڙهون هوندي، ڇو ته اوهان جي درٻار جي چوڏاري ڏاڙهن جا باغ آهن.“ وڏي ڀاءُ چيو.

”واه، واه!“ بادشاهه خوش ٿيندي چيو.

بادشاهه پوءِ ننڍي ڀاءُ ڏانهن منهن ڪري چيو: ”ڀلا تو ڪيئن معلوم ڪيو ته ڏاڙهون ڪچو آهي؟“

”سائين! اڄڪلهه جتي ڪٿي ڏاڙهون ڪچا آهن. اِهو اوُهين پاڻ ئي ڏسي سگهو ٿا.“

بادشاهه حاضر ماڻهن سان گڏ ٻاهر وڃي ڏٺو ته واقعي سندس باغ جي ڏاڙهن جا وڻ ساون ڏاڙهن سان سٿيا پيا هئا.

بادشاهه ٽنهي ڀائرن جي عقل، سوچ ۽ سياڻپ ڪان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ کين چيائين ”اوهين دنيائي دولت ۾ برابر غريب آهيو، پر ڏاهپ ۾ بيحد شاهوڪار آهيو.“

بادشاهه پوءِ ٽنهي ڀائرن کي پنهنجيءَ درٻار ۾ وزير ڪري رکيو.

سچ چيو اٿن ته عقل ۽ سياڻپ، دولت ڪان وڌيڪ آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# موالي رڇُ

ڀيلي جي ڪنهن عملدار کان هڪ ڏينهن ڀيلي ۾ هڪ وڻ هيٺان سُلقي، تماڪَ جي ڳوٿري ۽ ماچيسُ وسري ويا ، جيڪي هڪ رڇ لڌا. رڇ سلقي ڪٽي چڪڻ شروع ڪئي. آخرڪار ڳوٿريءَ وارو تماڪ هڪ ڏينهن کُٽي ويو، پر رڇُ ڳڙنگ موالي بڻجي پيو ۽ تماڪ جي ٻاڙَ پوري ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي، وڻن جا سُڪل پَن تماڪ جي جاءِ تي چِڪڻ لڳو.



هونئن رڇُ روزانو ٻاڪَ ڦُٽڻ کان اڳ اُٿندو هو ۽ سائي گاهه تي هيڏانهن هوڏانهن پيو گهمندو هو ۽ اُن بعد ڏُو وڃي درياءَ جي پاڻيءَ ۾ ڪندو هو ۽ پيو ترندو تُڙڳندو، وهنجندو ۽ مَڇيون ماريندو هو. وهنجڻ کان پوءِ ڪيس جهنگ ۾ جتي ٻير جي وڻن جا جُهڳٽا سُجهندا هئا، اُتي وڃي ٻيرَ کائيندو هو. ٻيرن مان ڌاتَ ڪُڙڪو ڪري، ماکيءَ جي ڳولا ۾ نڪري پوندو هو ۽ وتندو هو وڻَ وڻَ جي پورَ ۽ ڏارَ ۾ نُوسِڪا هڻندو. ڪٿان جيڪڏهن ماکي لڀي پوندي هئس تہ سندس جڻ تہ لئي ٿي ويندي هئي، نہ تہ پيو سڄو ڀيلو پيرن هيٺان لتاڙيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. جيسـتـائين ٻيلي جا ٻـ ٻيرا ڦيرا نـ ڏيندو هو، رات جو ننڍ ڪانـ ايندي هئس. پر هاڻي جنهن وقت ٻـ جاڳندو هو تـ اڪيون ڪولڻ سان ئي سُڪن پنن سان سُلڦي ڀري، ڏندن جي وچ ۾ پِڪوڙي دُڪـائيندو هو ۽ پوءِ ڪنهن ٻُوڙي جي پاڙَ جو پاسو ڏيئي ڀيو سڄو ڏينهن دونهان ڪڍندو هو.

ڪجهـ ڏينهن ڪان پوءِ رڇ ٻُ پاڻ کي بيمـارُ محسوس ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن جيئن هو ٻيلي جي وَٽِ سان گهمي رهيو هو تـ ڪيس هڪ لومڙي گڏجي وئي. لومڙيءَ رڇَ ڏانهن نهاريو تـ عجب مان سندس واتُ پٽجي ويو، ۽ رڇَ کي چوڻ لڳي: "پيـارا رَڇ! توسـان هيءَ ڪهـڙي ويڌن ٿي آهي؟ تون سـڄو سـانوڻ ڪٿي هئين؟ اڳي تـ ڪيـڏو ٿلهـو مـتـارو ۽ تازو توانو هُئين، تُنهنجي مُنهن مـان رتُ ٽِپيو ٽِمندو هو، هاڻي تـ وڃي هڏن جي مُٺ بچيـو آهين. تُنهنجين چنگهن ۽ ٻانهن جا هڏا تـ جڻ نَـڙَ جا ڪانا بنجي ويا آهن! ڇا توکي ڪائڻ لاءِ ڪجهـ ڪونـ ٿي مِليو يا بيمار ٿي پيو هئين؟"

رڇَ لومـڙيءَ کي جواب ڏنو: "مـون کي تـ ڪا خبـر ئي ڪانهي تـ ڇا ٿـيـو اٿم. هونئن تـ آءُ جوڙ مـتـارو آهيـان، پر هڏن ۾ ڏاڍو سُور اٿم. ڪـاڏو وٽيمِ ئي نـ ٿو. ڇيتَ جي مهيني ڪان وٺي جڻ تـ ٻُک لڳڻ بند ٿي وئي آهي. جڏهن سمهندو آهيان تـ پاڻ کي نيڪ سمجهندو آهيان، پر سڄي رات پاسا ورائيندي گذري ٿي. سڄو ڏينهن ڀيو سَهڪان ۽ ڪنگهان. سمجهـ ۾ ائين ٿو اچيمِ، جڻ تـ ڪو ڳاهُ ڪاڏو اٿم. دل ڌڙڪي ٿي ۽ ڇنبا جڻ تـ آلا آلا پيا لڳن."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



”هـل تـہ كـانَ كُتـي ڏانـهـن هلون،“ لومڙيءَ چيو: ”هو ڏاهو آهي، كـانئس صـلاحَ وٺـون. سـڄي ٻيلي ۾ اُهوئي هڪ ڏاهو آهي، جيـڪـو ڪونہ كـو عـــــلاجُ يـا ڦـڪي سُتـي ڏسـي سگهي ٿو.“

”آءٌ هفــتـــو كن كـونہ ويندس. اجا اهڙي ڳالهہ كانہ آهي، جڏهن منهنجي طبيعت اجا وڌيڪ خراب ٿي تہ توسان وعدو آهي تہ كان كُتي ڏانهن ضرور ويندس.“ رڇَ وراڻيو.

هڪ هفتو گذريو، ٻيو هفتو گذريو، رڇُ اڳي كان وڌيڪ هيٺو ٿيندو ويو. هڪ ڏينهن رڇُ هڪ ڦِتل واهَہ جي پرسان گهمي رهيو هو تہ كيس بگهڙُ مُنهَن ۾ پئجي ويو. بگهڙَ جو رڇَ كي ڏِٺو تہ كانئس تڏو شـوكـارو نكري ويو. اچرج ڀرئي آواز ۾ رڇَ كان پڇيائين: ”رڇَ، منهنجا دوست! توكي ڇا ٿيو آهي؟ توكي هن حـال ۾ ڏسي ڏاڍو ڏُک ٿــو ٿــئي، رڳو هڏن جي مُٺِ وڃي بچيو آهين! تون هُئين كتي؟ بڏاءِ، آخر توسان كهڙي ويڌن ٿي آهي؟“

”مون كي تہ كا خبر ئي نہ ٿي پوي ،“ رڇَ تڏو ساهُہ كڻي چيو.

”ڇا ، تون بيمار آهين؟“ بگهڙَ پڇيو.

”آءٌ سمجهان ٿو تہ مون كي ٿَڌِ لڳي آهي. مون كي اَلائي ڇا پيو ٿئي. هڏا سورَ ۾ ونجي ويا آهن. كـاڏي كـاڻ تي دل بنهہ كـانہ ٿي چوي. سـڄي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄي رات پاسا ورائيندي ٿي گذري.ڏينهن جو اُبَساهي ۽ سَهڪو، هلان ٿوته ٿيڙَ ٿا اچن. دِل ٻُڏي ٿي پَئي. چنبا سدائين پگهرَ ۾ آلا ، شايد آءٌ مرڻ ڪي ويجهو آهيان، ڀائو ٻگهڙا!"

ٻگهڙَ ڪيس چيو، "تون ڪان ڪُتي وٽ وڃ. هو جهنگ جو ڏاهو آهي. جهنگ ۾ اُهو اڪيلو ئي حڪيم آهي، جيڪو ڏسي توکي ٻڌائيندو ته توکي ڇا ٿيو آهي ۽ توکي ڇا ڪرڻ گهرجي."

"آءٌ وٽس سياڻي ضرور ويندس." رڇَ کيس چيو.

"پر تو ڪان ڪُتي جو گهرُ ڏٺو آهي؟" ٻگهڙَ پڇيو.

"ها، ڏٺو اٿم." رڇَ وراڻيو.

رڇَ ٻئي ڏينهن ڪان ڪُتي جوگهر ڳولي لڌو، جيڪو پپرَ جي هڪ وڻ ۾ هو. هن اُتي پهچي مٿي نهاريو ۽ رحم جوڳي آواز ۾ دانهن ڪري چيائين، "ڪان ڪتا، منهنجا جهونا دوست! گهر مان ٻاهر نِڪر، ڪنڌ مٿي ڪري،مون ڏانهن نهار ته سهي!"

"ميان رڇ، ڀلي آئين! ڇا حال آهي؟ ڏاڍو ڏٻرو ٿو ڏسجين؟" ڪان ڪُتي چيو.

"يار! مون کي شايد تڏ لڳي وئي آهي. هڏا سُور ۾ ٽِڙڪن ٿا. کائڻ پيئڻ تي دل نٿي ٿئي. بُک ختم ٿي وئي آهي. اُٿان ٿو ته مٿي کي ڀانوا ٿي اچي. هلان ٿو ته ٿيڙَ ٿا اچن. اکين آڏو اَنڌاري اچيو وڃي. رات جو آرام ڪونهي، کنگهه ۽ سهڪو وڌي ويو آهي. کنگهه سبب واتئون رَتُ اچڻ لڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



آهي. ائين ٿو لڳي، ڄڻ ڳاهہ جا ڳـڏا
کائي ويو آهيان. ڇنڀن تان پکهر سُکي
ئي ڪونہ ٿـو.“ رڇَ، ڪان ڪُتي کي
احوال ڏنو. ”شايد تون سُلقي ڇِڪيندو
آهين؟ اهو سڀ سُلقيءَ جو ڪارنامـو
آهي.“ ڪان ڪُتي وراڻيو.
”اها خبـر توکي ڪيـئن پئي؟“
رڇَ حيران ٿيندي چيو.

”مـون کي اها ڄاڻَ تـماڪ جي گنديءَ بانس مان پئي، جيـڪا تُنهنجي واتَ مـان اچي پئي. تـورو اورتي اچ ۽ منهنجي پـرسان ويهـ. پنهنجيءَ پٺيءَ کي منهنجي ڪَنَ سان لائي زور ڏيئي جهل.“ ڪان ڪُتي وراڻيو.

”تُنهنجيءَ دل جو ڌڙڪو صـحـيح نہ آهي، نہ ئي توکي نِڇون ايندِيون هونديون. تُنهنجي ساهَ جي سهڪي ۽ دِل جي ڌڙڪي مان معلوم ٿئي ٿو تہ تون بيمار آهين.“ ڪان ڪتي، ڏاهي حڪيم وانگر ڇڪاس ڪري چيو.

”بس تہ پوءِ منهنجو مـوت ويجهـو آهي. هن بيـماريءَ جو شـايد ڪو علاج ئي نہ هوندو.“ رڇَ ڍِنل آواز ۾ چيو.

”تنهنجا ڦڦڙَ ڏرَ ۽ دونهين سان ڀرجي ويا آهن. اُن دونهين توکي ٻَاري لوڻُ ڪري ڇڏيو آهي. جيـڪـڏهن تون جلد نـيـڪ ٿـيڻ چاهين ٿـو تہ سُلقي ڇِڪڻ ڇڏي ڏي. بس، اهوئي هڪ رستو تنهنجيءَ تندرستيءَ جو بچيو آهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڇَ جهيـٽي آواز ۾ڪيس چيو: ”آءٌ هيءَ سُلقي ۽ ماچيس ڪيئن اُڇليان؟ ڇا هيءَ سڪل پنن جي ڳوٺري بہ ڦِٽي ڪري ڇڏيان؟ يارَ هنن سان تہ دِل ٽي وئي اٿم. مون کان اِئين ڪونہ پُڄندو.“

رڇَ جي ڳالهہ ٻڌي، ڪان ڪٽي ڪاوڙ مان چيو: ”جيڪڏهن تون منهنجي صلاح نہ وٺندين تہ پوءِ موتُ ويجهو اٿئي. هلندي هلندي مري ويندين، ڪنهن کي پتو بہ ڪونہ پوندو!“

رڇُ، ڪان ڪٽي جا ٽورا مڃي، ٽِڙندو ٽاٻڙندو، اچي گهرَ پيڙو ٿيو. سُلقيءَ کي پنن سان پري، باهِ ڏيڻ وارو هو تہ کيس ڪان ڪُٽي حڪيم جو ڏسُ ياد اچي ويو ۽ هن سُلقي ڪٽي پري اُڇلي، جيڪا هڪ ڪَڏ ۾ وڃي ڪري.

رڇَ اُن ڏينهن سُلقي ڪانہ ڇڪي، ٻئي ڏينهن بہ ڪانہ ڇڪيائين، پر ٽئين ڏينهن هو پاڻ جهلي نہ سگهيو، ۽ ڪَڏ ۾ هيٺ لهي سُلقي ڳولڻ لڳو. گهڻيءَ ڳولا کان پوءِ مس مس وڃي سُلقي ڳولي لڌائين. سلقي ڪٽي، پنهنجن وارن سان اُگهي، صاف ڪري،منجهس سُڪل پَنَ پري، ڏندن جي وچ ۾ جهلي، دُکائي ڇڪڻ لڳو. هن اجا پهريون سُوٽو مَسَ هنيو تہ ڪان ڪُٽي جي نڪ - نڪ ٻُڌائين، جيڪا ڪَڏ جي پرئين پاسي ڪان ٻڌڻ ۾ پئي آئي. کيس ڪان ڪُٽي جو چتاءُ ياد آيو ۽ هن سُلقي زور سان پري ڪٽي اُڇلائي، جيڪا وري بہ وڃي ڪَڏ ۾ ڪٽي ڪري.

رڇَ اُن ڏينهن بہ سُلقي ڪانہ ڇِڪي، ٻئي ڏينهن بہ ڪانہ ڇِڪي، ٽئين ڏينهن بہ ڪانہ ڇِڪي، پر چوٿين ڏينهن هو پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ هيٺ ڪَڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ لهي ويو ۽ سُلقيءَ کي ڳوليندو رهيو. وڏيءَ جاکوڙ کان پوءِ، مَس وڃي سُلقي لڌائين. ڪڏ مان ٻاهر نڪتو ته سڄو ڪندن ۽ گند ڪچري سان ڀرجي چڪو هو. وڻ جي ڀرِ وٽي وڃي ويٺو. سُلقيءَ کي پنهنجيءَ ٻچ سان اُگهي صفا ڪيائين ۽ سُڪن پَنن سان ڀري، دُکائي ڇڪڻ لڳو ۽ پنهنجا ڪَنَ ڪڙا ڪري ڪنائڻ لڳو ته متان ڪان ڪتو ڪتي ڀرسان نه هجي.

رڇَ، سرءُ جي سموري موسم پاڻ کي سُلقيءِ ڇڪڻ کان گهڻو ئي روڪيو، پر عادت ڇڏي نه سگهيو. آخرڪار، سيارو به اچي ويو. هڪ ڏينهن اُهو ساڳيو، ٻيلي جو عملدار، گهوڙي تي چڙهي ڪاٺ کي ڏسڻ آيو. هن سان گڏ سندس ٻُلتري ڪُتو به هو. گهوڙي کي وڻ سان ٻڌي، پاڻ سَهن جا پير ڪٽي، ڪُتي کي ڪٽي اُنهن تي



چڙهيائين. ڪُتو اندر جهنگ ۾ ڀونڪڻ لڳو. عملدار سمجهيو ته هن ضرور ڪجهه ڏٺو آهي، سو وڻن جي جهالر پري ڪندو، پيچندو ڏِڪندو وڃي ڪُتي وٽ پهتو. اُتي ڪجهه صاف زمين هئي ۽ هڪ ڪِريل وڻ جي ڀرسان رڇَ جي غارَ هئي. اُن غار مان دونهين جو دُڦ پئي نڪتو، جنهن تي سندس ڪُتو ڀونڪي رهيو هو. عملدار عجب ۾ پئجي ويو. هن اڳي ڪڏهن به رڇَ جي غار مان دونهون نڪرندو نه ڏٺو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عملدار اندر ڏرِ ۾ گهڙي، رڇ کي ٻاهر گهلي آيو. رڇ کي رَسي سان ٻڌڻ جي ضرورت ئي ڪانہ پئي، ڇو تہ رڇُ سُلقي ڇِڪي ڇِڪي ايترو تہ ڪمزور ٿي چڪو هو، جو پاڻ جهلي، بيهي بہ نہ پئي سگهيو. دونهين جي ڪري رڇَ جي اکين مان پاڻي پئي ٽِميو. سندس کَلَ مِٽيءَ ۾ ميري ٿي وئي هئي. پر پوءِ بہ، سُلقي سندس واتَ ۾ هئي!

عملدار پنهنجي سُلقي سجاتي ۽ رڇَ جي وات مان سُلقي ڇڪي ڪڍيائين. هن رڇ جي ڏرِ ڏانهن نهاريو تہ ڪيس تماڪ واري ٻوٽي ۽ ماچيس بہ نظر آيا. ڪيس اهو وهم گمان بہ نہ هو تہ ڪيس سندس شيون ڪي هن نموني وري موٽي ملنديون. هن پنهنجيون شيون ڪيسي ۾ وڌيون، ۽ رڇ کي ڪٺائي گهر روانو ٿيو.

جڏهن عملدار جي زال ڪيس ايندو ڏٺو تہ ملڻ لاءِ اڳتي نڪري آئي.

"اڙي! هيءَ تون ڪهڙي بلا ڪٺي آيو آهين؟"



"ڏسين ڪانہ ٿي، جيئرو جاڳندو رڇُ آهي!"

"ڇا، هيءُ ڇَڪُ پائيندو؟" زال، مڙس کان پڇيو.

"موالي آهي، موالي رڇُ!" مڙس وراڻيو.

"اسين هن مُئي رِڇ کي ڇا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنداسون، نہ ڏھڻ جو نہ کُھڻ جو!"

"ڪنھن فقيرکي ڏئي ڇڏينداسون تہ وَتندو ٻارن کي وِندرائيندو."

عملدارَ پوءِ اھو رڇُ ھڪ فقير کي ڏئي ڇڏيو. رڇَ ڏنو تہ سُلقي زھر آھي، تنھنڪري ڇڏي ڏنائين. ٿورن ڏينھن کان پوءِ ٻُتَ ۾ طاقت وري آيس.



اھو رڇُ ھاڻي نچي ٽپي ننڍڙن ٻارن کي وندرائيندو وَتندو آھي. ٻارَ ٻہ چوندا آھن تہ ڀُورو ٻُوجارو رڇُ، نچڻ ۽ جُھمر پائڻ ۾ ڏاڍو ماھر آھي.

ھاڻي ھيءُ رڇ جڏھن بہ ڪٿي سُلقي، سگريٽ يا ٻيڙيءَ جو دونھون ڏِسندو آھي تہ ڪاوڙ ۾ اڳين ٽنگن تي بيھي، نَرا ڪٽي، اُيو ٿي، رنبڻ شروع ڪندو آھي، ڄڻ تہ چوندو ھجي تہ "اھو زَھر اٿئي، نہ پيءُ، ڇڏي ڏي، نہ تہ ڇُڙي ڇڙي مري ويندين!"

ٻارو! اوھان کي بہ ھن ڪھاڻيءَ مان سبق سکڻ گھرجي، ۽ ٻيڙيءَ ۽ ٻئي نشي کان پاسو ڪرڻ گھرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نافرمان چوزو

هڪڙي هئي ڪُڪڙِ، اُن آرو ڪري ٻچا ڦوڙيا. ٻچا ڏاڍا سهڻا، ۽ متارا هئا. ڪين ڏسي ڪڪڙِ ڏاڍو خوش ٿي رهي هئي. هڪڙو ٻيو آنو جڏهن ڦٽو ته اُن مان پيدا ٿيل چوزي کي هڪ چنگهه، هڪ ڪنيڙاٽي ۽ هڪ اک هئي، يعني اهو اڌ چوزو هو.



ڪُڪڙِ کي ڪا ڪَلَ ڪانه پيئي، ته آخر هن عجيب غريب ٻچي جو هن دنيا ۾ اچڻ جو ڪهڙو مقصد هو. هوءَ هميشه ان کي پنهنجي پرِ ۾ رکندي هئي، ته متان ڪيس ڪو نقصان نه پهچي. اهو چوزو ٿوري وقت کان پوءِ ڪجهه وڏيرڙو ۽ متي ڦِربو ٿي پيو. هو هر هَر ٻاهر هليو ويندو هو. جڏهن سندس ماءُ ڪيس سڏيندي هئي ته ٻُڌو اَڻ ٻڌو ڪري ڇڏيندو هو ۽ موٽي نه ايندو هو. هڪ چنگهه هوندي به ڪيس ٻاهر گهمڻ ڦرڻ جو ڏاڍو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوق هو ۽ جيئن جيئن وڏو ٿيندو ويو، تيئن تيئن وڌيڪ ضدي ۽ نافرمان ٿيندو ويو. ماءُ ڏانهن سندس بي رخي وڌندي ويئي ۽ پاڻرن، پينرن جي هڪ به نہ ٻڌندو هو. نيٺ اهو ڏينهن بہ آيو، جو ماءُ کي چيائين تہ: آءٌ مرغي خاني کان تنگ ٿي پيو آهيان، اُن ڪري آءٌ هاٿي بادشاه ڏانهن ٿو وڃان."

ويچاريءَ ماءُ ڪيس گهڻو ئي سمجهايو تہ انهيءَ ڳالهہ تان لهي وڃ، پر ماءُ سان وڙهندو رهيو ۽ چوڻ لڳو: "منهنجي زندگي هتي موڳي ۽ مونجهہ پري ٿي پئي آهي، آءٌ هاٿي بادشاه ڏانهن وڃان ٿو." ائين چئي منڊڪ منڊڪ ڪندو، بادشاهي شهر ڏانهن رخ ڪٽي رکيائين.

چوزي جڏهن ٿورو پنڌ ڪيو تہ رستو ڇڏي ڪٽي ٻنين جي وچ مان سِڌُ ڪيائين. هلندو اچي هڪ واهہ وٽ پهتو، جيڪو گند ۽ ڪَکَن ڪانن سان پُورجي چڪو هو ۽ اُن مان پاڻي آسانيءَ سان وهي نہ پئي سگهيو.



واهہ، ننڍڙي چوزي کي سڏ ڪري چيو: "چوزا! اچ منهنجي مدد ڪر، آءٌ اڪيلو هن گند ۽ ڪکن ڪانن جي صفائي نہ ٿو ڪري سگهان."

"آءٌ تنهنجي مدد تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهان ٿو، پر وقت وڃائي نہ ٿو سگهان، جو مون کي بادشاه سان ملڻو آهي،“ ائين چئي چوزو منڊڪ منڊڪ ڪندو هليو ويو.

ٿورو اڳتي هليو تہ ڏٺائين تہ هڪ هنڌ هلڪي باهہ ٻري رهي آهي، اُن ۾ آليون ڪاٺيون وڌيون ويون آهن ۽ اُها ڪنهن بہ وقت وِسامي سگهِي ٿي.

”اي ننڍڙا چوزا! تون وقت تي پهتو آهين، مون کي بچاءِ! پنهنجي ڪنيڙاٽينءَ سان پکو هڻ ۽ منهنجي مٿان کي سُڪل ڪَکَ ۽ ڪاٺيون ميڙي رک!“ باهہ چوزي کي منٿ ڪندي چيو.

”آءُ توکي واقعي بچائي سگهان ٿو، پر مون کي اُن ڪان بہ وڏو ڪم ڪرڻو آهي. آءُ بادشاه سان ملڻ وڃي رهيو آهيان،“ چوزي فخرَ مان چيو ۽ منڊڪ منڊڪ ڪندو هليو ويو.

چوزو جڏهن گهڻو پنڌ ڪري بادشاهي شهرَ جي پرسان وڃي پهتو تہ ڪيس هڪ گهاٽي جهنگ ۾ ٻوڙن مان گذرڻو پيو. ٻُوڙن ۾ هوا ڦاٿي پئي هئي.

”ميان چوزا! منهنجي مدد ڪر، هنن ٻُوڙن ۾ جهنگ مان مون کي ڇڏاءِ!“ هوا چوزي کي پٽ پٽ ڪري چيو.

”تنهنجو خيال تہ تمام سٺو آهي، پر مون کي وقت وڃائڻو ناهي. آءُ بادشاهہ سان ملڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان،“ چوزي وراڻيو ۽ منڊڪ منڊڪ ڪندو هليو ويو.

چوزو ڏاڍو خوش هو، چوتہ ڪيس بادشاهي شهر جا مُنارا ۽ ماڙيون جون چِٽيون ڏسڻ ۾ پئي آيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چوزو ڊوڙَ پـــائــــي

بادشاهي شهر اندر گهڙيو ۽ شاهي محلات ڏانهن ويندڙ رســتــو ڪـٽـي ورتائين، جتي پهـريدار بيـنـا هئـا. چوزو مـنـدڪ مـنـدڪ ڪـنـدو، دَرُ ٽپي اندر ٽيو ۽ اڳڻ ۾ پهچي سامـهـون واري در وٽ وڃي بيـــنـــو. اُتان جيـــئـن ئي بورچيــخاني جي دريءَ ڪــان پاسو ڏئي لنگهيو ته شاهي رانڌي (بورچيءَ) جي اک وڃي مٿس پئي.

’شاهي دسترخوانَ لاءِ فقط اُهائي شيءِ گهربل هئي، مون کي هڪ چوزي جي ضرورت هئي،‘ بورچيءَ دل ۾ چيو ۽ جَهٽُ ڏئي چوزي کي ڪنيڙَ کان جهلي ديڳڙي جي گرم گرم پاڻي ۾ وڌائينس. چوزي جي ڪَنيڙن ۽ اکين ۾ گرم پاڻي لڳو ته رڙيون ڪرڻ لڳو: ”اي پاڻي! مون کي نه ٻوڙِ، گهڻو گرم ٿي، اُبرِ نه!“ پاڻيءَ وراڻي ڏنس: ”مــيــان چوزا! جڏهن آءُ تڪليف ۾ هئس، گند، ڪکن ۽ ڪانن مـون کي بند ڪري ڇڏيو هو ته تو منهنجي ڪا مـدد ڪانه ڪئي، هاڻي آءُ تنهنجي مـدد ڇو ڪريان.“ اهو چئي پاڻي زورَ سـان ٽهـڪڻ لڳو. باهه به ڀڙڪي چوزي کي پچائڻ لڳي ته چوزي رڙِ ڪري ڪـيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو: ”اي باهِ! تون اينترو خطرناڪ نموني سان نہ پڙڪُ، مون کي ساڙ ۽ بارِ نہ.“

باهِ چيس: ”جڏهن آءٌ تڪليف ۾ هئس تہ: ”تو منهنجي ڪابہ مدد نہ ڪئي،“ ائين چئي هوءَ اڳ کان وڌيڪ پڙڪڻ لڳي.



چوزي کي يقين ٿي ويو، تہ هو ٻُوسانجي مري ويندو. اُن وقت شاهي بورچيءَ ديڳڙي جو ڍڪڻُ لاهي ڏٺو ۽ چيائين: ”هاءِ الا ، رَهو تہ تيار ڪونہ ٿيو، ماڳهين چُوزو ئي سڙي اڱر ٿي ويو.“ پوءِ هن چُوزي کي جَنگهہ کان پڪڙي دريءَ کان ٻاهر ڦِٽي ڪري ڇڏيو. چُوزو زَمين تي ڪري، تنهن کان اڳ واءَ ڪٽي ان کي ڪنيو. واءَ چوزي کي تمام گهڻو مٿي اُڏائي، گهرن جي چتين سان ڪٽي هنيو، شهر جي منارن سان ٽَڪرايو ۽ پوءِ ڪيس شهرَ جي مُناري جي هڪ ڳڙکيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو.

ٻارو! جيڪو ماءُ جو چوڻ نہ مڃيندو، اُن جو اِهڙوئي حالُ ٿيندو ۽ جيڪو ڪنهن جي مدد نہ ڪندو، ان جي بہ ڪو مدد نہ ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# راڻي لومڙي ۽ لالُو ٻلو

ڪنهن زماني جي ڳالهہ آهي تہ هڪڙو ٻلو ڳوٺ کان ڀَڄي نڪتو ۽ هڪ لومڙي بہ ٻيلي مان ڀڄندي آئي، ٻئي هڪ هنڌ اچي پاڻ ۾ دِهو بدَهہ ٿيا.

”ڇا حال آهن؟“ لومڙيءَ ٻلي کان پڇيو.



”مڙئي چڱا حال آهن،“ ٻلي لومڙيءَ کي وراڻيو.

”تنهنجو نالو ڇا هي ميان ٻلا؟“ لومڙيءَ پڇيو.

”منهنجو نالو ”لالو“ آهي،“ ٻلي وراڻيو.

”پلا تنهجو نالو ڇاهي“ ؟ ٻلي کانئس پڇيو.

”منهنجو نالو ’راڻي‘ آهي ۽ مان رنڙَ آهيان“ ، لومڙيءَ چيو.

”پوءِ اَڄ تہ پاڻ ٻئي گڏجي رهون،“ ٻلي لومڙيءَ کي چيو.

”مون کي ڪوبہ اعتراض ناهي،“ لومڙيءَ وراڻيو.

پوءِ ٻئي گڏجي لومڙيءَ جي گهر ۾ رهڻ لڳا.

هڪ ڏينهن ٻِلو، جهنگ مان مِنا ۽ ڳاڙها ٻيرَ ميڙڻ ويو. هن ٻيرَ ميڙيا پئي تہ هڪ سهو ڊوڙندو آيو. سهي، ٻلي کي ڪونہ ڏٺو ۽ سندس مٿان

ٽپڪيون ڏيندو هليو ويو.

”اڙي چورا، مت جا مـوڙها! هي ڇا ڪيـئـہ؟“ ٻلي ڪـيڪڙاٽ ڪندي وڏي آواز سـان سـهي کي چيـو. سـهي جا ڊپ ۾ ڪَنَ ڪِيـتـا ۽ پُڇ ذيل ٿي ويو. وني رڪـيـائين ڪُڙبن تي زور. ايڏو تکو پئي ڊوڙيو، جو پيـرن جون ڪُڙيون پُنن سـان پئي لڳس. اک ڇنڀ ۾ الائي ڪٿي وڃي نِڪـتو. رسـتي ۾ ڪـيس هڪ ٻگهڙُ مليو ويو، تنهن کي سَهـڪندي سهـڪندي چيـائين: ”سـائين! مـان راڻي لومـڙيءَ جي گـهـر وٽان پئي آيس تہ هڪ اَڻ ڏٺل ۽ اڻ ٻُڌل بلا منهنجي مـٿان ٽپي وئي. اُها تـمـام وڏي ۽ خطرناڪ هئي. هن مـون کي جَهـڙپَ ڏئي، جيـئـري هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر شـابس هجي منهنجين ٽنگهن کي، جن مون کي ڀڄي بچائڻ ۾ مدد ڪئي.“

”مان اُتي ضرور ويندس ۽ ڪيس ڏسي وٺندس.“ ٻگهڙ چيو.

”سـائين! نہ وڃجانءِ، هو توکي هڪ ئي ٻَيتَ سـان ڳڙڪائي ويندو،“ سهي ٻگهڙ کي چيو.

ڊيڄارڻ جي باوجود ٻگهڙُ راڻي لومڙيءَ جي گهر ويو. ان وقت لالوءَ ۽ راڻيءَ هڪ مـئل رڍِ گـهلي آڻي گـهـر پرسـان رکي هئي ۽ هو ٻئي لـوڙهي جي پاسي ۾ ڪيس ڇڪي پٽي ڪائي رهيا هئا.

جڏهن راڻيءَ ڪائي ڏِءُ ڪيو تہ هوءَ ٻاهر گهَرَ جي ٻِلي وٽ نڪري آئي، هن ڏٺـو تہ ٻگهـڙ سندس گـهـر ڏي اچي رهيـو هو. راڻيءَ اڳتي وڏي سندس آجيان ڪئي. ٻگهڙ ڏٺو تہ ٻلو لوڙهي جي پرسـان مـئل رڍ کي پٽي ۽ ڪـائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو.

”تنهنجي گهر ۾ ڪير آهي؟“ ٻگهڙ لومڙيءَ کان پڇيو.

”هڪ متير مڙس آهي، سندس نالو لالو آهي. وڏو مَلهُه ۽ متارو آهي. سورهيه ۽ سگهارو آهي.“ راڻيءَ وراڻيو. ”هو جهڙپ ڏئي هڪ رڍ گهلي آيو آهي. جيڪڏهن تون جيئدانُ گهرين ٿو ته پنهنجي جانِ بچاءِ، نه ته تنهنجو به خيرُ ناهي“.



ٻلو، رڍَ کائڻ ۾ مصروف هو ۽ رکي رکي ميائُون .... ميائُون به ڪري رهيو هو. ٻگهڙَ سمجهيو ته چوي ٿو ”آٽيو، اجا آٽيو، آٽيو، اجا آٽيو!“

”هن سڄي رڍِ کائي ڇڏي آهي، پر اجا به سندس ڍءُ نه ٿيو آهي“. رڍ چيو.

”مارِ! ڪا ڇتي بلا آهي!“

ٻگهڙَ چيو ۽ ڊپ کان ڪٽي پيرن تي زورُ رکيائين. ٻيلي مان تِکو تکو ڊوڙندو پئي ويو ته هڪ ٿُلهي متاري رڇ تي نظرَ پئجي ويس، جيڪو هڪ وڻ جي پاڙَ ۾ سُتو پيو هو.

”تو ڪا نئين خبرَ ٻُڌي آهي؟ اسان هاٿي ته هن ٻيلي ۾ هڪ گهڙي به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي نہ سگھنداسون. راڻيءَ جي گهرَ ۾ لالوءَ نالي هڪ وڏو ٻلو رهي ٿو، جيڪو هڪ ڏينهن ۾ چار رڍون کائي چٽُ ڪري ٿو، تہ بہ ٻُڪَ کان دانهون ٿو ڪري." ٻگهڙ سهڪندي ساٿس ڳالهہ ڪئي.

رڇ ڪَنَ لوڏيا، اکيون ٽمڪايون ۽ پُڇ کي لمڪو ڏنو.

"اهڙو جانور آءٌ هڪ دفعو ڏسندس سهي." رڇ چيو.

"سائين! اهي وري کهڙيون اُگريون ڳالهيون پيا ڪريو. وائي سٽائي تہ ڪيو. شل! اوهان، سندس مُنهن نہ پئو، بهتر آهي تہ ٻيلي جو اهو پاسو ئي ڇڏي ڏيو." ٻگهڙَ، رڇَ کي صلاح ڏني.

ٻگهڙُ ۽ رُڇ اجا پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا تہ هڪ وڏي مَر اچي اُتان لنگهي.

"ماسي مَر! راڻي لومڙيءَ وٽ هڪ خطرناڪ جانور اَچي رهيو آهي، جنهن جو نالو لالو آهي. مٿير مڙس آهي، ويهہ ممون ۽ رَڇ کائي ٿو. اُٺ ۽ شينهن جا پُڇُ ٿو کائي، ڏهن ڍڳن کي ڍير ٿو ڪري ۽ پوءِ بہ روزُ ٻُکيو ٿو رهي." رڇَ، مرَ کي چيو.

"ڪيڏو نہ خطرناڪ جانور چئبو!" مَرَ چيو، "دل ٿي چوي آءٌ هڪ دفعو کيس ڏسي اچان."

اُن معاملي تي ڏاڍو بحث مباحثو هليو. خوف ۽ خطري واري ڳالهہ تي بہ غور ويچار ڪيو ويو. نيٺ ڳالهہ اچي اُتي کُتي تہ راڻيءَ کي ايلاز منٿون ڪيون وڃن، جيئن هُوءَ پنهنجو 'لالو پهلوان' هڪ نظر اسان کي ڏسڻ جو بندوبست ڪري. پوءِ جانورن نيٺ فيصلو ڪري، راڻيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ رڇ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي روانو ڪيو ۽ ڊپَ ۽ هِراس جا ماريل جانور گهاٽي ٻيلي جي ڪنهن ڪُنڊ پاسي ۾ لِڪي ويهي ڪَنائڻ لڳا ته جيڪڏهن رڇَ جون رڙيون ٻُڌجن ته اُن خطرناڪ بلا کان پڄي جان ڇڏائجي.

رڇُ ڊِڄندو ڊڄندو اچي راڻيءَ وٽ پهتو.

”ڇا حال آهي راڻي؟ آهين ته خُوش پاش!“

”شُڪر آهي، مڙيئي خير آهي.“

”سڄي ٻيلي ۾ هُلي ويو آهي ته تو وٽ ڪو خطرناڪ جانور لالوءَ نالي رهي ٿو. اسان اُن کي هڪ نظر ڏسڻ ٿا گهرون. اسان کي ٻڌاءِ ته اهڙو ڪيئن بندوبست ٿئي، جو اسان کيس ڏسي سگهون، پر هو اسان کي ڏسي ئي نه.“ رڇَ، راڻيءَ سان اندر جو حال اوريو. راڻيءَ ڪجهه گهڙيون سوچي رَڇ کي چيو: ”اهو هيئن ٿي سگهي ٿو ته گوشتَ جون رانون پچائي تيار ڪريو. ماڪيءَ جا دٻا ڀري رکو ۽ پوءِ اسان کي دعوت ڏيو. اسان گڏجي ايندا سون. پوءِ اُهو خطرناڪ جانور اوهان کي ڪوبه نقصان نه رسائيندو.“ راڻيءَ رڇَ کي سمجهائيندي چيو.



رڇُ خوشيءَ ۾ ڊوڙندو اچي پنهنجن دوستن، بگهڙ ۽ مَرَ وٽ پهتو. ڪين چيائين ته : ”راڻيءَ جو چوڻ آهي ته، گوشت جون رانون پچايو ۽ ماڪي به گڏ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريو، پوءِ اسان کي دعوت ڏيو، اِن صورت ۾ خطرناڪ جانور اوهان کي ڪوبہ نقصان نہ پهچائيندو“ .

پوءِ رڇَ ماڪي گڏ ڪرڻ شروع ڪئي. بگهڙُ، گوشت پچائڻ کي لڳي ويو، جڏهن تہ مَمرَ ڀهاري ڏيڻ ۽ چندڻ ڦوڪ کي لڳي ويئي.

جڏهن هنن تمام گهڻو گوشت پچائي ورتو ۽ ماڪي بہ ڪافي تعداد ۾ گڏ ڪري ورتي، تڏهن وجي راڻي لومڙيءَ کي دعوت ڏئي آيا.

”هاڻي آءُ وڻ تي چڙهي، مهمانن کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهندس،“ اهو چئي رڇُ پري وڃي ڪنهن وڏي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو.

بگهڙ چيو: ”آءُ بہ سڄو ڏينهن گوشت پچائي ٿڪجي چُور ٿي پيو آهيان. ڪنهن وڻ جي هيٺان وڃي ٿو سُمهان. مهمان آيا تہ ڪٿان ڪا اوٽَ ڏئي کين ڏِسي وٺندس.“ ائين چئي هو بہ هليو ويو.

مَمرَ چيو. ”آءُ بہ سڄو ڏينهن صفائي ۽ چندڻ ڦوڪَ ڪري مري پئي آهيان، سو آءُ هتي ڪِٽي ٻُوڙن ۾ وڃي ٿي لِڪي آرام ڪريان. جي مهمان آيا تہ ٻُوڙن جي وِٿيءَ مان ڪٿان کين ڏسي وٺنديس.“ ائين چئي اها بہ هلي ويئي.

راڻي لومڙي ۽ لالو ٻِلو آيا تہ ميزبانن مان هڪ بہ موجود نہ هو. ٿورو انتظار ڪري مهمانن کائڻ شروع ڪيو. ٻلو وجي گوشت کي پِتو ۽ راڻيءَ وجي مِنيءَ ماڪيءَ کي ٻَرو ڏنو. اوچتو ٻُوڙن ۾ سَرڪو ٿيو ۽ گاهَ ۾ چُرپُر ٿي. مَمرَ جو نَنڍڙو پڇ خوف کان ڏڪڻ لڳو. لالي سمجهيو تہ ڪو ڪُئو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، سو ڪيڪڙات ڪري جهٽ هٽي ڪٽي مَمَرَ جي پيچ ۾ چَڪُ وڌائين.

خوف کان اڳيئي مَمَرَ، ٿَڙڪي پئي، مٿان جو ٻلي ڪيڪڙات ڪري سندس پُڇَ ۾ اوچتو چَڪُ هنيو، سو هانءَ ڦاٽنديون رڙيون ڪري وٺي ڀڳي. هوڏانهن ٻلي مَمر جون رڙيون ۽ دانهون ٻڌيون ته دپ ۾ ٽَپُ ڏئي وڃي وڻ تي چڙهيو. اُن وڻَ تي ڪو اڳي ئي رڇ وينو هو، تنهن اوچتو آفت ڪي وڻ تي ٽپ ڏيندي ڏٺو ته سندس چنبا خوف کان ڏکڻ لڳا. وڻ تي پاڻ جهلي نه سگهيو، ۽ پاڻ ڪٽي مٿان چڙيائين ته ڏو وڃي اُتي ڦهڪو ڪيائين، جتي بگهڙُ سُتو پيو هو. بگهڙُ به مَمَرَ جون دانهون ٻڌي خوفَ ۾ ڪُرونڊڙو ٿيو، ساهه مُٺ ۾ ڪيو، پڇڻ جون واتون ڳولي رهيو هو. مٿان جو اوچتو ڦهڪو ٿيو ته بگهڙُ به ٽپ ڏئي اُٿيو ۽ نَڪَ سامهون وٺي ڀڳو. ڀڄندو ۽ دپ وچان ٿِڙندو ٿابڙندو ڪِرندو ٿي ويو. شام جو مَسَ وڃي ٻيلي جي ڪنهن ڪُنڊَ پاسي ۾ بگهڙُ، رڇُ ۽ ممر پاڻ ۾ مليا.



”اهڙي بُري بلا مون زندگيءَ پر ڪانه ڏٺي، مون ڪي پُڇَ کان وٺي نڪاءُ ڪرايائين ڪانَ جي ٻُندَ سان ته اڪين مان چٽنگون نڪري ويون. بس وڏڙن جو ڪو لولو اڳهاٽل هو نه ته ڏينهن پورا هئا.“ مَمَرَ بگهڙ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رَڇ کي پنهنجو احوال ڏيندي چيو.

رڇَ چيو ”اِهو بُندِ چاهي، هن تہ سڄي وَڻ کي پاڙان کڏي لوڏي رکيو. مون کي شاباس ڏي جو پاڻ کي وڻ تي جهليو ويٺو هوس. اهو بہ پلو ٿيو جو آءٌ وڻ تان ڪِري سندس وات ۾ ڪونہ پيس. گهوڙاڙي! ههڙي خطرناڪ بلا!“

بگهڙَ چيو: ”هن آفت، جيئرو وڻ پاڙئون پٽي اهڙي طريقي سان منهنجي مٿان اُڇليو، جو آسمان مان تڙڪاٽ نڪري ويا، اهو منهنجو جگر هو، جو پڄي جان بچايم، اوهان کي ڪهڙي خبر!“

سيئي سِرَ بچڻ تي خُدا جو شڪرانو مڃڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ”بيشڪ اهو اَجگر هو اَجگر! اهو راڻيءَ وارو لالو برابر ڪا وڏي بلا هو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاهيون ٿا ته ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڱئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book